SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.V OF 2014

# The Sindh Land Revenue (Amendment) Act, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر V، مجريہ 2014

# دي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2013

## فهرست (Contents)

1. تمهيد (Preamble)

2. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

3. سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 1967 جي دفعہ نمبر 4 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 4 of Sindh Act No XVII of 1967.

4. سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 1967 جي دفعہ 39 ۾ تبديلي.
Amendment of section 39 of Sindh Act No. XVII of 1967.

5. سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 1967 جي دفعہ 40 ۾ تبديلي.
Amendment of section 40 of Sindh Act No XVII of 1967.

# SINDH ACT NO.V OF 2014

# The Sindh Revenue (Amendment) Act, 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر V، مجريه 2014

# دي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2013

[20 مئرچ 2014]

سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ((The Sindh Land Revenue Act, 1967) ۾
تبديلي آڻڻ لاءِ ايڪٽ

**تمهيد (Preamble)**

هن ڳالهه کي مناسب تو جاتو وڃي ٿو ته سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967 ۾ هن ريت ڦير گهير آندي وڃي.

ان ڪري ايڪٽ کي هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

**مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.**

1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ لئنڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2013 ( The (Sindh Land Revenue (Amendment) Act, 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

**سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه نمبر 4 ۾ تبديلي. Amendment of Section 4 of Sindh Act No XVII of 1967.**

2. سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي دفعه 4، ذيلي دفعه (23) پوءِ ٿئن هي وڌايو ويندو:-

"(23-A) "خدمت جو مرڪز" (Service Centre) مطلب آهي ته مرڪز جيڪو انهيءَ لاءِ قائم ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن تعلقي يا ضلعي جي حقن جي رڪارڊ کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪري بحال رکي سگهجي ته جيئن معاهدن جي تبديليءَ، منتقلي، عمل ۾ آڻڻ ۽ رجسٽريشن (Registration) جون خدمتون سرانجام ڏئي سگهجن، ڪمپيوٽرائيزڊ (Computerized) رڪارڊ جا نقل فراهم ڪري سگهي ۽ اهڙي رڪارڊ سان لاڳاپيل پيا ڪم ڪري سگهجن."

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه 39 ۾ تبديلي.
Amendment of section 39 of Sindh Act No. XVII of 1967.

3. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعه 39، ذيلي دفعه (2) جي فقري (d) پٺيان اهو وڌايو ويندو ته:

“(e) اهي بيانَ (statements) جيڪي خودبخود معلوماتي طريقي (automated information system) سان محفوظ (record) ڪيل برقياتي دستاويزن (electronic documents) جي روپ ۾ هوندا، ۽ جن کي پڌرائي (notification) ذريعي بورڊ آف روينيو (Board of Revenue) ڪنهن ديهه (Deh) جو حقن جو ڪمپيوٽر ذريعي محفوظ ڪيل (computerized record of rights) پڌرو ڪيو هوندو.”

سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 1967 جي دفعه 40 ۾ تبديلي.
Amendment of section 40 of Sindh Act No XVII of 1967.

4. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعه 40 جي ذيلي دفعه (3) پٺيان هي شامل ڪيو ويندو:-

“(4) ڪنهن به ديهه (Deh) جي ڪمپيوٽرائيزڊ ٿيل حقن واري رڪارڊ بابت جيڪڏهن روينيو بورڊ (Revenue Board) پڌرائي (Notification) ذريعي تصديق ٿيل ديهه جو ڪمپيوٽرائيزڊ ٿيل حقن جو رڪارڊ ظاهر ڪيو آهي ته ان کي حقن جو رڪارڊ ڄاتو ويندو.

بشرطيڪ اهڙيءَ پڌرائي (Notification) کان اڳ لاڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ واري اسسٽنٽ ڪليڪٽر دفعه 42 جي ذيلي دفعه (11)، (12) ۽ (13) مطابق انهيءَ رڪارڊ جي هارڊ ڪاپين (hard copies) ۾ ثابت سرٽيفڪيٽ ڏنو هجي، ان جي تصديق ڪئي هجي ته اهو رڪارڊ اصلي ۽ صحيح آهي. اهو تصديق ٿيل رڪارڊ دفعه 42 جي ذيلي دفعه (1) مطابق قائم ڪيل سيل (cell) ۾ رکيو ويندو.“

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**